پارن جون سچيون ڪهاڻيون 5

# ڪير پيئندڙ مدني منّو



شَيخِ طَرِيقَت اَمِيرِ اَهلِسُنَّت حَضرَت عَلامَه مَولانا ابُو بِلَال
مُحَمَّد اِلياس عَطّار قَادِري رَضَوِي دَامَت بَرَكَاتُهُم العَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۠ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ۠

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۠ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۠

# ڪير پئيندڙ مدني منّو

## 15 سچيون ڪهاڻيون

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ هٿ ملائين ۽ نبي (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي دُرُودِ پاڪ پڙهن تہ انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناھ بخشيا ويندا آهن. (مُسْنَدِ اَبُو يَعْلٰى ج٣ص٩٥حديث٢٩٥١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) كير پيئندڙ مدني منّي ڳالهايو!

رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪّي شريف جي هڪ گھر ۾ موجود هئا تہ هڪ ماڻهو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ هڪ منّي (Infant) کي ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري آيو جيڪو انهيءَ ڏينهن پيدا ٿيو هو. رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان مدني منّي کان پڇيو: مان ڪير آهيان؟ هن چيو: ”توهان اللّٰہ جا رسول آهيو.“ رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”تو سچ چيو، اللّٰہ تعالىٰ توکي برڪت ڏي.“

(معرفۃُ الصّحابۃ ج ۴ ص ۳۱۴ رقم ۶۳)

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** اللّٰہ تعالىٰ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اهڙو شان عطا فرمايو جو کير پيئڻ واري مدني منّي بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رسول هجڻ جي

گواهي ڏني. اچو! تہ الله تعاليٰ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيا بہ معجزه ٻڌون ٿا.

## (2) مدني منّي جو هٿ سڙي پيو

اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابي حضرتِ محمد بن حاطب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ منهنجي امّڙ سائنڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن مونکي ٻڌايو: مان توکي وٺي ڪري (مُلڪِ) حَبَشہ کان اچي رهي هئس، مديني شريف کان ڪجهہ پري مون ڪاڏو پچايو، انهي دؤران ڪاٺيون ختم ٿي ويون، مان ڪاٺيون ڪٽڻ ويس ۽ تنهنجو هٿ سڙي پيو. مان توکي وٺي ڪري محمد رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان! هي محمّد بن حاطب آهي. رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

جن تنهنجي مٿي تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريائون ۽ تنهنجي لاءِ دعا ڪئي، پوءِ توهان جي هٿ تي پنهنجو مبارڪ لُعاب (يعني برڪت واري ٿُڪ) لڳائي. جڏهن مان توهان کي وٺي ڪري اُٿيس تہ توهان جو هٿ بالڪل نيڪ ٿي چڪو هو.

(مُسندِ اِمام احمد بن حنبلج ۵ ص ۲۶۵ حديث ۱۵۴۵۳ مُلخّصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (3) ڪجھ وار اڇا ۽ ڪجھ ڪارا

حضرتِ سائب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وِچ مٿي ۾ بالڪل ڪارا (Black) وار هئا. پر باقي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار اڇا (White) هئا. پڇيو ويو: هي ڇا معاملو آهي جو توهان جا ڪجھ وار اڇا ۽ ڪجھ ڪارا آهن؟ فرمايائون: مان ننڍپڻ ۾ ٻارن سان ڪيڏي رهيو هئس، رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي سامهون کان گذريا

www.dawateislami.net

تہ مون سلام عرض ڪيو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سلام جو جواب ڏنو پڇيائون: توهان ڪير آهيو؟ مون پنهنجو نالو ٻڌايو تہ حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن منهنجي مٿي تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيريو ۽ مونکي برڪت جي دعا ڏني. منهنجي مٿي تي جنهن جنهن جڳهہ تي حضورِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو مبارڪ هٿ لڳو آهي اهي وار اڇا (White) نہ ٿيا.

(مُعْجَم کبِير ج ۷ ص ۱۶۰ حديث ۶۶۹۳ مُلَخَّصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (4) پياري نبيءَ جو پيارو پيارو هٿ

حضرتِ جابِر بِن سَمُرَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: رحمت وارا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سامهون ٻارن ٻار گذرندا هئا تہ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن مان ڪنهن جي هڪ ڳلّ (Cheek) ۽ ڪنهن جي ٻنهي

ڳلّنَ تي پنهنجو شفقت ڀريو هٿ ڦيريندا هئاۓ مان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون ڪان گذريس تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي هڪ ڳل تي پنهنجو پيارو پيارو هٿ ڦيريو. اُهو ڳل جنهن تي حضورِ پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيريو هو اُهو ٻئي ڳلّ (Cheek) ڪان وڌيڪ خوبصورت (Beautiful) ٿي ويو هو.

(كَنْزُ الْعُمّال ج ١٣ ص ١٣٥ حديث ٣٦٨٧٦)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# (5) ننڍي جسم وارو مدني منو

حضرتِ عبدالرحمٰن بِن زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جڏهن پيدا ٿيا تہ انهن جا نانا جان حضرتِ ابو لُبابہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن انهن کي هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو

۽ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون اڄ تائين ايترو ننڍي جسم وارو ٻار ناهي ڏٺو. مدني آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻار کي گهٽي ڏني (يعني پهريون دفعو اُن جي وات ۾ کاڌي وغيره جي کا شي وڌي)، مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ برڪت جي دعا ڏني. (دعاءِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت ائين ظاهر ٿي جو) حضرتِ عبدالرحمٰن بن زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جڏهن ٻـ ڪنهن قوم (Nation) ۾ هوندا تہ قد ۾ سڀني کان وڏا (Tall) نظر ايندا هئا. (اَ لۡاِصابَۃُ ج۵ ص۲۹ رقم ۶۲۲۷)

## (6) گونگو (Dumb) ٻار ڳالهائڻ لڳو

رسولِ پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صحابيہ حضرتِ اُمِّ جُنۡدُب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: هڪ عورت پنهنجي گونگي (Dumb) پُٽ کي وٺي حضورِ انور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي

۽ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي پُٽ کي ڪا تڪليف آهي جو ڳالهائي ڪو نه ٿو. اهو ٻڌي ڪري رحمتِ وارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: (هڪ پيالي ۾) ٿورو پاڻي آڻيو. پاڻي آندو ويو، پاڻ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻنهي هٿن کي ڌوتو ۽ وات ۾ پاڻي وجهي گُرڙي ڪئي ۽ فرمايائون: ”وجو ۽ هي پاڻي پنهنجي پُٽ کي پياريو ۽ ڪجهه پاڻي جا ڇنڊا انهن کي هنڻو ۽ الله تعاليٰ کان ان جي لاءِ شِفا گُهرو.“ پوءِ اڳيئن سال ڊڍهن مان پيهر اُن عورت سان مِليَس ۽ اُن جي پُٽ جي باري ۾ پُڇيو ته اُن ٻڌايو: هينئر منهنجو پُٽ بالڪل تندرست (Healthy) ۽ عقلمند (Wise) نيڪ ٿي ويو آهي.

(ابن ماجه ج۴ص۱۲۹حديث۳۵۳۲ مُلَخّ)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو! 6 معجزه ٻڌڻ کان پوءِ هاڻي اچو! ٻيا واقعا ٻڌون ٿا:**

## منهنجو هٿ پيالي ۾ گهمندو هو.

حضرتِ عمر بن ابي سَلَمَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: مان ننڍ پڻ ۾ حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پرورش ۾ هئس. (کائڻ وقت) منهنجو هٿ پيالي ۾ گهمندو هو (يعني هر طرف کان کاڌو کائيندو هئس). رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مونکي ارشاد فرمايو:"اي ڇوڪرا! بسم الله پڙهہ سڄي هٿ سان پنهنجي طرفان کاءُ ." ان کان پوءِ مان اُنهي طرح (يعني پاڻ سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم. جن جي چوڻ مطابق ) کائيندو آهيان. (بخاري ج 3 ص 521 حديث 5376)

مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو! هميشہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري سڄي هٿ سان پنهنجي پاسي کان ماني کائو۔ها!جيڪڏهن ٿال(Platter) ۾ مختلِف شيون هجن، تہ پوءِ ٻئي پاسي کان کائي سگهجي ٿو. جڏهن پاڻي پيو تہ ويهي ڪري، سوجهري ۾ ڏسي ڪري، بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري، سڄي هٿ سان، چوسي چوسي ڪري، ٽن ساهين ۾ پيو. بي شمار سنّتون ۽ آداب سکڻ ۽ انهن تي عمل جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀريي اجتماع ۾ ايندا رهو ۽ ”مدني چينل“ ڏسندا رهو.

(بُخاری ج۳ص۵۲۱حدیث۵۳۷۶)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# (8) سمجهدار مدني مُني

الله پاڪ جي هڪ وڏي نيڪ ٻانهي حضرتِ فُضَيل بن عِياض رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جن جي ننڍي ڌيءُ جي ٽريءَ ۾ سور هو، جڏهن انهن ان کان پڇيو: ڌيءَ! تنهنجي ٽريءَ جو سور هاڻي ڪيئن آهي؟ (سمجهدار مدني مُنّيءَ) جواب ڏنو: بابا جان! خيريت آهي، جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مونکي ٿوري تڪليف ۾ وِڌو آهي ته اُن کان گهڻو وڏيڪ عافيت (يعني سلامتي) بہ ڏني آهي، اهو هن طرح جو صرف منهنجي ٽريءَ ۾ سور آهي، پر باقي بدن (اک، ڪن، نڪ، چپ ۽ پير وغيره) ۾ ڪا تڪليف نہ آهي، ان ڳالهہ تي الله تعاليٰ جو شڪر آهي. اهڙي پياري جواب (Reply) تي اُنهن فرمايو: "ڌيءَ مونکي پنهنجي ٽري ڏيکار."جڏهن اُن ٽري ڏيکاري تہ اُنهن محبّت مان اُن جي ٽري چمي ورتي.

(حَياةُ الحَيَوان لِلدَّمِيرى ج ١ ص ١٩٧ مُلَخّصاً)

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** ان ”سچّي ڪهاڻي“ مان اسان کي اهو درس (Lesson) مليو ته اسان کي جڏهن به ڪا تڪليف پُهچي ته ”آه اوه“ ڪرڻ جي بجائي صبر ڪرڻ ۽ ان ڳالهه تي الله تعاليٰ جو شڪر ڪرڻ کپي جو ان اسان کي وڏي تڪليف کان بچائي رکيو مثلاً جيڪڏهن ڪنهن کي مٿي ۾ سور هجي ته اهو ان ڳالهه تي الله تعاليٰ جو شڪر ڪري ته ان کي بخار (Fever) ناهي ٿيو. بغير ضرورت جي ڪنهن به ماڻهوکي پنهنجي تڪليف نه ٻڌائڻ گهرجي ته جيئن اسان کي صبر جو ثواب ملي. ها دعا ڪرائڻ جي لاءِ ڪنهن نيڪ ماڻهو يا علاج جي لاءِ امڙ يا پيءُ يا ڊاڪٽر وغيره کي ٻڌايو ته حرج ناهي. الله تعاليٰ اسان کي صبر ۽ شڪر ڪرڻ وارو ٻانهو بڻائي. آمين.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# (9) مَدني مُنَي ڪي ڊبل مليو

الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پياري صحابي حضرتِ جابِر بِن عبدالله رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو بيان آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تحفي ۾ هڪ ٿانو ۾ حلوو پيش ڪيو ويو تہ پاڻ سڀڻن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان سڀني کي ٿورو ٿورو حلوو ڏنو، جڏهن منهنجي وارو آيو ۽ مونکي هڪ دفعو ڏيڻ کان پوءِ فرمايائون: ڇا توهان کي ٻيو بہ ڏيان؟ مون عرض ڪيو جي ها، تہ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي ننڍي هجڻ جي ڪري مونکي وڌيڪ (يعني ٻيو بہ) ڏنائون، ان کان پوءِ جيڪي ماڻهو باقي رهجي ويا هئا انهن کي انهن جو حصو ڏنو ويو. (شُعَبُ الْاِيمان ج٥ص٩٩حديث٣٥ مُلَخَّصاً)

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** اسان جا پيارا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻارن تي ڏاڍي شفقت فرمائيندا هئا تڏهن ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ٻين کان وڌيڪ ڏنو جو هو ٻار هئا. پر هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن ڪا شيءِ تقسيم ٿئي ته توهان کي ڊبل حصو وٺڻو ناهي، ها! جيڪڏهن شيءِ ورهائڻ وارو پاڻ ئي توهان کي وڌيڪ ڏئي ڇڏي ته وٺڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (10) ذڪر الله جي عادت

حضرتِ داؤد بن ابو هِنْد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن بازار (Market) ايندا ويندا هئا ته سندن پنهنجي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيندا هئا ته فلاڻي جڳهه تائين الله جو ذِڪر

ڪندو رهندس، جڏهن هُن جڳهه (Place) تائين پهچي ويندا هئا ته پنهنجي مٿان لازم ڪندا هئا ته فلاڻي جڳهه تائين ذِڪرُالله ڪندس ۽ اهڙي طرح ذڪر ڪندي ڪندي پاڻ گهر پهچي ويندا هئا. (حِلْيَةُ الْاولياء ج۳ص۱۱۰مُلَخَّصاً)

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** زبان سان الله الله چوڻ، تلاوت ڪرڻ، نعت شريف پڙهڻ ۽ دعا گهُرڻ وغيره سڀ ذِڪرُالله آهي. اهڙي طرح دل ئي دل ۾ الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن (Blessings)کي ياد ڪرڻ، نماز ۾ قيام (يعني بيهڻ)، رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ به ذڪرالله ۾ شامل آهي .

## (11) نابين مدني منوڏسڻ لڳو

حديثن جي مشهور ڪتاب "بخاري شريف" لکڻ واري بزرگ حضرتِ اِمام محمّد بن اِسمَاعيل بُخاري رَحمَۃُاللہِ تَعالٰی عَلَیہ ننڍپڻ ۾ نابينا (Blind) ٿي ويا هئا، طبيبن

(Doctors) کان علاج ڪرايو ويو پر انهن جي اکين جي روشني واپس نہ اچي سگهي . سندن جي امڙ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡها مُستجَابُ الدّعوات (يعني انهن جون دعائون قبول ٿينديون) هيون، هڪ رات انهن کي خواب ۾ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام نظر آيا، انهن فرمايو: ”الله تعاليٰ تنهنجي دعا قبول فرمائي ڇڏي، تنهنجي پُٽ جون اکيون صحيح ڪري ڇڏيون آهن.“ صبح جڏهن اِمام بخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ننڊ مان اُٿيا تہ انهن جون اکيون صحيح ٿي چڪيون هيون ۽ ڏسڻ لڳا هئا. (مرقاة ج١ص٥٣،اشعةُ اللّمعات ج١ص)

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** ڏٺو توهان! ماءُ جي دعا ۾ ڪهڙي تاثير آهي! هميشہ پنهنجي ماءُ پيءُ کي راضي رکو، انهن جو چوڻ مڃيو، امڙ سائنڻ يا بابا جاني اچن تہ ادب سان بيهي رهو، انهن جي

www.dawateislami.net

سامهون نگاهون هيٺ رکو، انهن جا هٿ پير چمو،
جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڳالهه نٿو مڃي ۽ انهن
کي ناراض ڪري ٿو اِن جي سزا اُن کي دنيا ۾ بہ
ملندي آهي جيئن تہ

## (12)ٽنگ ڪٽجي وئي

زَمَخشَري[1] (نالي هڪ ماڻهو) جي هڪ ٽنگ ڪٽيل
هئي، ماڻهن جي پڇڻ تي اُن ٻڌايو تہ هي منهنجي ماءُ
جي بد دعا جو نتيجو آهي، اصل ۾ مان ننڍپڻ ۾ هڪ
جهرڪي پڪڙي هئي ۽ ان جي ٽنگ ۾ ڌاڳو ٻڌي
ڇڏيو، اتفاق سان اُها منهنجي هٿ مان نڪري اُڏري
ڪري هڪ ڀت جي سوراخ (Crack) ۾ هلي وئي، پر
ڌاڳو ٻاهر ئي لٽڪي رهيو هو، مون ڌاڳو پڪڙي
ڪري بي دردي سان ڇڪيو تہ جهرڪي ڦٿڪندي

[1] هي معتزلي فرقي جو هڪ عالم گذريو آهي.

ٻاهر نڪتي، پر ويچاريءَ جي ٽنگ ڌاڳي سان ڪٽجي چڪي هئي، منهنجي ماءُ اِهو ڏسي ڪري ڏاڍي ناراض ٿي ۽ اُن جي وات مان منهنجي لاءِ هيءَ بد دعا نڪري وئي:”جيئن تو هن بي زبان جي ٽنگ ڪٽي آهي، الله تعاليٰ تنهنجي ٽنگ ڪٽي.“ ڳالهه آئي وئي ٿي وئي، ڪجهه عرصي کان پوءِ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ مون ”بخارا“ شهر جو سفر ڪيو، رستي ۾ سواري تان ڪري پيس، ٽنگ تي ڏاڍو ڌڪ لڳو، ”بخارا“ پهچي ڪري گهڻو علاج ڪيو پر تڪليف نہ وئي ۽ ٽنگ ڪٽرائڻي پئي. (۽ ائين ماءُ جي بد دعا پوري ٿي) (حَياةُ الحَيَوان ج ٢ ص ١٦٣)

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** ان ”سچي ڪهاڻي“ مان اهو بہ معلوم ٿيو جو انسان تہ انسان پر اسان کي ڪنهن جانور کي بہ تڪليف نہ ڏيڻ گهرجي، ڪجهه

ٻار مُرغيءَ جي چوزن، ٻليءَ ٻڪريءَ جي ڦرن وغيره
کي ماريندا، ڪٽي ڪري زمين تي اُڇلائيندا آهن،اُنهن
کي هرگز ائين نه ڪرڻ گهرجي.

## (13) پکيءَ کي تير هڻي رهيا هئا

حضرتِ عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا قريش جي
ڪجهه نوجوانن جي سامهون گذريا، جيڪي هڪ پکي
(Bird) کي ٻڌي ان تي (تيرن سان) نشانوبازي ڪري
رهيا هئا. جڏهن انهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ايندي ڏٺو ته
هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن پڇيو
”هي ڪنهن ڪيو آهي؟ الله تعاليٰ ائين ڪرڻ واري
تي لعنت ڪري، بي شڪ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم
جن ڪنهن ذي روح (يعني جاندار) کي تير اندازي
جو نشانون بنائڻ واري تي لعنت فرمائي آهي.“
(مُسلم ص١٠٨٢ حديث١٩٥٨)

www.dawateislami.net

# (14) گانو ڳائڻ واري ٻارڙي

حضرتِ عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا هڪ ننڍي ڇوڪري وٽان گذريا جيڪا گانو (Song) ڳائي رهي هئي، پاڻ ارشاد فرمايائون:” جيڪڏهن شيطان ڪنهن کي ڇڏي ها ته هِن کي به ڇڏي ڏي ها.“ (شُعَبُ الْاِيمان ج ۴ ص ۲۷۹رقم۵۱۰۲) مطلب هي ته جيڪڏهن شيطان ڪنهن کي ڇڏي ها ته گهٽ ۾ گهٽ هن ننڍي ٻارڙيءَ کي ڇڏي ڏي ها پر شيطان ڪنهن کي به نٿو ڇڏي تنهنڪري ننڍن ٻارن کي به شيطان کان هوشيار رهڻ گهرجي.

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** گانا باجا ٻڌڻ ڳائڻ شيطاني ڪم آهن، توهان ڪڏهن به اهو شيطاني ڪم نه ڪجو، الله جي رحمت سان تلاوتِ قرآن ڪيو، نعت شريف ۽ سنّتن ڀريا بيان ٻڌو، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توهان کي تمام گهڻو ثواب ملندو.

# (15) گڏھ تي سوار مدني منو

(اڳيئن زماني ۾ اسڪوٽر ۽ ڪاريون وغيره نہ هونديون هيون، ان جي ڪري) هڪ شخص گڏھ (Donkey) تي سوار ٿي ڪري پنھنجي دوست جي عيادت جي لاءِ ان جي گھر ويو ۽ پنھنجو گڏھ (Donkey) دروازي تي ڪنھن حفاظتي اِنتظام جي بغير ڇڏي ڏنو. جڏھن واپس نڪتو تہ ڏٺائين گڏھ جي مٿان هڪ ٻار ويٺو ان جي حفاظت ڪري رهيو آهي، ان شخص ناراض ٿي ڪري پڇيو: تون منھنجي اجازت ڪان بغير هن تي ڇو سوار ٿئين؟ ٻار چيو: مونکي خوف هيو تہ ڪٿي هي ڀڄي نہ وڃي ان لاءِ ان تي سوار ٿي ويس. هُن چيو: منھنجي لاءِ هن جو ڀڄي وڃڻ هتان جي بيھڻ ڪان بھتر هو. اهو ٻڌي

www.dawateislami.net

ڪري ٻار جواب ڏنو: جيڪڏهن اهڙي ڳالهه آهي تہ هي گڏهہ مونکي تحفي(Gift) ۾ ڏئي ڇڏيو ۽ ائين سمجهو تہ گڏهہ پيجي ويو آهي، مان توهان جو شڪريو بہ ادا ڪندس. اهو ماڻهو چوي ٿو تہ مان ان ٻار جي اها ڳالهہ ٻڌي لا جواب ٿي ويس.

(کتابُ الاذکیاء لابن الجَوزی ص۲۴۸)

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** پنهنجيون شيون، رانديڪا، جوتا وغيره هيڏانهن هوڏانهن رکڻ جي بجائي انهن کي رکڻ جي جيڪا جڳهہ مقرّر (Fix) آهي اُتي رکڻ جي عادت بڻايو، نہ تہ پوءِ گم ٿيڻ جو خطرو (Risk) آهي. هيستائين سيئي (15) کهاڻيون سچيون هيون هاڻي بہ سبق آموز فرضي (يعني من گهڙت، ناهيل) کهاڻيون پيش ڪيون وڃن ٿيون، ٻڌو:

www.dawateislami.net

## (16) غصي واري ٻار جو انوکو علاج

هڪ ٻار غصي جو ڏاڍو تيز هو، ڳالهه ڳالهه تي غصّي ۾ اچي ٻين کي ٻُرو ڀلو چوندو ۽ جهيڙو ڪندو هو، ان جي والدين ان کي ڏاڍي ڪوشش ڪئي جو ڪنهن طرح هو پنهنجي غصّي تي قابو پائڻ سِکي وڃي پر ناڪام رهيا، هڪ ڏينهن ان جي بابا جان کي هڪ ترڪيب سمجهه ۾ آئي، انهي ٻار کي گهڻا ڪوڪا (Nails) ڏنا ۽ گهر جي پٺيئن حصي جي ڀت (Wall) ڏانهن وٺي ويو ۽ چيائون: پٽ جڏهن بہ ڪنهن تي غصّو لاهين يا جهيڙو ڪرين تہ هن ڀت ۾ هڪ ڪوڪو ٺوڪ جاءِ ڀرين ڏينهن اُن 37 دفعا غصّو ۽ جهيڙو ڪيو، ان ڪري پهرين ڏينهن 37 ڪوڪا ٺوڪيا. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هو ٿڪجي پيو ۽ سمجهي ويو تہ

www.dawateislami.net

غصّي ڪي قابو رکڻ آسان آهي پر پيٽ ۾ ڪوڪا هڻڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. هن پيءُ کي پنهنجي پريشاني (Problem) ٻڌائي، ته انهن چيو: هاڻي جڏهن توکي غصو اچي ۽ تون ان تي قابو اچين ته پيٽ مان هڪ ڪوڪو ڪڍي ڇڏجان، پُٽ ائين ئي ڪيو ۽ ڏاڍو جلد پيٽ مان لڳل ڪوڪا جن جو تعداد 100 تي چڪو هو ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هاڻي پيءُ پُٽ جو هٿ پڪڙي پيٽ جي ويجهو وٺي ڪري چوڻ لڳو:پُٽ!تو پنهنجي غصي کي ته قابو ۾ آڻي ڇڏيو ڏاڍو سٺو پر هن ديوار کي ڏس! هي ڀريان وانگي ناهي رهي هن ۾ سوراخ ڪيترا بُرا لڳي رهيا آهن، جڏهن تون غصي ۾ رڙيون ۽ اُلٽيون سڌيون ڳالهيون ڪندو آهين ته ان سان ٻين جي دل ۾ ڄڻ چاقو هڻدو آهين پوءِ تون معذرت (Sorry) به ڪري ڇڏيو، تڏهن به ان سان ٻين

www.dawateislami.net

جي دل جو زخم جلد نيڪ نہ ٿيندو ڇو تہ زبان جو زخم چاقوءَ جي زخم کان وڌيڪ گهرو هوندو آهي. اهو ٻڌي ڪري ٻار ٻين جون دليون ڏکائڻ کان توبہ ڪئي ۽ معافي بہ گُهري ڇڏي. (غصي جي عادت ڪڍڻ جي لاءِ مڪتبةالمدينہ جو رسالو ”غصي جو علاج“ پڙهو.)

## (17) بُري صحبت جواثر

نيڪ گهراڻي جو هڪ مدني منّو بُرن دوستن جي صحبت (Company) ۾ اُٿڻ ويهڻ لڳو. ان جي بابا جان کي جڏهن ان ڳالهہ جي خبر پئي تہ ان هِن کي سمجهايو تہ بُرن جي صحبت توکي بہ ڪٿي برو نہ بڻائي ڇڏي. پٽ اهو چئي ڪري ٽاري (Avoid) ڇڏيو تہ بابا جان! توهان فڪر نہ ڪريو مان هِنن جهڙو نہ ٿيندس.

والدِ محترم پنهنجي پُٽ کي عملي طور تي سمجهائڻ جو ارادو ڪيو ۽ هڪ ڏينهن گهر ۾ ڏاڍا آلو بخارا (Prunes) وٺي آيو، ان ۾ ڪجهه آلو بخارا گهر وارن کائي ڇڏيا، جڏهن باقي آلو بخارا رکڻ لڳو ته پُٽ چيو: هِنن مان هڪ سڙيل (Rotten) آلو بخارو به آهي اُن کي ڪڍي ڇڏيو، والد صاحب چيو: هينئر رهڻ ڏيو، سڀاڻي ڏسنداسين. ٻئي ڏينهن جڏهن پيءُ پُٽَ آلو بخارا ڏٺا ته سڙيل آلو بخاري جي قريب وارا آلو بخارا به خراب ٿي چڪا هئا. هاڻي والد صاحب پُٽ کي سمجهايو: ڏٺئي پُٽَ! صحبت جو ڪيترو اثر ٿيندو آهي! هڪ سڙيل آلو بخاري جي صحبت سان ٻيا سنا آلو بخارا به خراب ٿي ويا! مدني مني جي سمجهه ۾ اچي ويو ۽ ان برن دوستن جي صحبت ۾ ويهڻ کان توبه ڪئي.

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا مدني منّو ۽ مدني منّيو!** توهان بہ بُرن دوستن کان بچندا رهو، ۽ اهڙن سان هرگز نہ اُٿو ويهو جيڪي نمازون ڇڏڻ وارا، فلمون ڏسڻ وارا، گانا ٻڌڻ وارا، وڏن جي بي ادبي ڪرڻ وارا، ٻين کي ستائڻ وارا ۽ گاريون ڏيڻ وارا هُجن، بلڪ نمازن جا پابند، سنّتن تي عمل ڪرڻ وارن، وڏن جو ادب ڪرڻ وارن ۽ نيڪيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ وارن وٽ ويهو، نيڪ ماڻهن جي صحبت توهان کي گهڻو (يعني اجان وڌيڪ) نيڪ بڻائي ڇڏيندي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# کير جا مدني گُل

## کير قرآنِ ڪريم جي روشنيءَ ۾

پارو 14 سورة النّحل آيت نمبر 66 ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اِنَّ لَكُمْ فِي الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ؕ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهٖ مِنْۢ بَيْنِ فَرْثٍ وَّ دَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآئِغًا لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿۶۶﴾ | ترجمو ڪنزالايمان[2]: ۽ بيشڪ توهان جي واسطي چوپاين ۾ عبرت حاصل ٿيڻ جي جاءِ آهي اسان توهان کي پياريندا آهيون انهيءَ شيء منجهان جيڪا انهن جي پيٽ ۾ آهي چيٽي ۽ رت جي وچان خالص کير نڙي مان آسانيءَ سان ويندڙ پيئندڙن جي واسطي. |

[2] ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ توهان جي لاءِ چوپايو مال ۾ غور ۽ فکر جون ڳالهيون آهن (اُهي هي تہ) اسان توهان کي انهن جي پيٽن مان چيٽڻ ۽ رت جي وِچ مان خالص کير (ڪڍي ڪري) پياريون ٿا جيڪو پيئڻ واري جي ڳلي مان آسانيءَ سان لهي ويندڙ آهي.

www.dawateislami.net

## کير جي باري ۾ ۳ فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) ڳئون جو کير استعمال ڪريو (يعني پيئندا ڪريو) ڇو تہ هيءَ هر وڻ مان غذا حاصل ڪندي آهي ۽ ان ۾ هر بيماري جي شفاء آهي. (مُسندِ امامِ اعظم ص۲۰۷،اَلْمُستَدرک ج ۵ ص ۵۷۵ حديث ۸۲۷۴ )

(2) جڏهن بہ ڪو ماڻهو کير پيئي تہ چوي (يعني هيءَ دعا پڙهي)

اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْه

(ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي لاءِ هن ۾ برڪت عطا فرما ۽ اسان کي وڌيڪ عطا فرماءِ)

چو تہ کير کانسواءِ اهڙي ڪا شيء ناهي جيڪا کاڌي ۽ پاڻي ٻنهي جي جاءِ تي ڪفايت ڪري." (شُعَبُ الْاِيمان ج۵ص۱۰۴ حديث۵۹۵۷) يعني صرف کير ۾ اها نعمت آهي جيڪا بُک ۽ اُڃ ٻنهي کي رفع (ختم) ڪري ٿي، تنهنڪري چو تہ هي غذا بہ آهي ۽ پاڻي بہ. (مراٰة المناجيح ج۶ص۸۰)

www.dawateislami.net

## آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي کير ڏاڍو پسند هو

رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي پيئڻ وارن شين ۾ کير ڏاڍو پسند هو. (اَخلاقُ النّبی ص ۱۲۲ حديث ۶) جيئن تہ ”بخاري شريف“ ۾ آهي: سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي هديي يعني تحفي (Gift) ۾ کير موڪليو ويو جنهن کي پاڻ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اصحابِ صُفہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي بہ پياريو ۽ پاڻ بہ نوشِ جان فرمايو يعني پيتو.

(بُخاری ج۴ص ۲۳۴ حديث۶۴۵۲ مُلخّصاً)

## ماءُ جي کير جا چار مدني گُل

(1) انساني کير جراثيم کان پاڪ ۽ ٻارن لاءِ وڏي نعمت آهي، ان ۾ ننڍپڻ ۾ پيش اچڻ وارين گهڻين بيمارين کي بچائڻ جون صلاحيتون آهن.

www.dawateislami.net

(2) ماءُ جو کير پيئڻ واري ٻار کي الرجي (Allergy) جو امڪان گهٽ هوندو آهي ۽ دست (Diarrhoea) بہ گهٽ ئي لڳندا آهن ۽ جيڪڏهن لڳندا آهن تہ گهٽا خطرناڪ ثابت ناهن ٿيندا، ان کان سواءِ جيڪي مدني منّا ۽ مدني منّيون ماءُ جو کير ناهن پيئندا اُنهن کي ماءُ جو کير پيئڻ جي مقابلي ۾ الرجي جو امڪان ست ڀيرا ۽ دستن (Diarrhoea) جو امڪان پندرهن ڀيرا وڌيڪ هوندو آهي.

(3) ماءُ جو کير پيئڻ وارن ٻارن جا ڏند سڙڻ، ڪارا ٿيڻ، سيني جو انفيڪشن، دمو (اُڀ ساهي) معدي جي خرابي پڻ ڳلي، نڪ ۽ ڪن جي گهٽين ئي بيمارين کان حفاظت رهندي آهي.

(4) اگر ڪنهن سبب جي ڪري ماءُ کير نہ پياري سگهي تہ ڏبي جو کير پيارڻ بدران ڪنهن بہ نيڪ

www.dawateislami.net

خاتون کان ڪير پياريو وڃي ان سان بہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدا حاصل ٿيندا .

## ٻارڪي ڪير پيارڻ جي مدّت

ٻار کي (هجري سال جي حساب سان) ٻہ سال (جي عمر) تائين (عورت جو) ڪير پياريو وڃي،ان کان وڌيڪ جي اجازت ناهي، ڪير پيئڻ وارو ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري. ۽ هي جيڪو عوام ۾ مشهور آهي تہ ڇوڪريءَ کي ٻہ سال تائين ۽ ڇوڪر کي اڍائي سالن تائين پياري سگهجي ٿو اهو صحيح ناهي. اِهو حڪم ڪير پيارڻ جو آهي جڏهن تہ نڪاح حرام ٿيڻ لاءِ (هجري سال جي حساب سان) اڍائي سالن جو زمانو آهي يعني ٻہ سالن (جي عمر) کان پوءِ جيئن تہ ڪير پيارڻ حرام آهي پر اڍائي سالن (جي عمر) جي اندر جيڪڏهن ڪير پياري ڇڏيندي، حرمتِ نڪاح (يعني

نڪاح حرام ٿيڻ) ثابت ٿي ويندي (چو ته ڪير جو رشتو قائم ٿي ويندو) ۽ اُن ڪان پوءِ جيڪڏهن پيتو، ته حرمتِ نِڪاح ناهي پر پيارڻ جائز ناهي.

(بہار شریعت ج ۲ص۳۶)

## ڪير جا 47 مدني گُل

(1) اللّٰه تعاليٰ جي هڪ وڏي نعمت ڪير به آهي، اللّٰه تعاليٰ هن ۾ غذائيت (Nutrition) سان گڏ گڏ گهڻين ئي بيمارين جو علاج به رکيو آهي.

(2) هڪ طبّي تحقيق جي مطابق ڪير پيئڻ وارن جي عمر وڏيڪ هوندي آهي.

(3) ڪير ڪيلشيم (Calcium) سان ڀرپور هوندو آهي. هي هڏين جي بيماري، آندن جي ڪينسر ۽ هيپاٽائٽس کي روڪڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

www.dawateislami.net

(4) ننڍي عمر ۾ چهري وغيره تي جهريون پئجي ويون هُجن ته روزانو رات ٿورو گرم ڪري (Lukewarm) ڪير پيو.

(5) چهري تي مساما داغ دهبا ۽ ڪيل مهاڙن (يعني جوانيءَ جون ڦرڙيون) جو علاج هي آهي ته سمهڻ کان پهرين پنهنجي چهري يا متاثر حصي تي قابلِ برداشت گرم ڪير سان مالش (Massage) ڪيو ۽ اُنهي ڪير سان مُنهن ڌوئو، پوءِ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پاڻيءَ سان مُنهن ڌوئي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو.

(6) تازي ڪير جي گَجّ (Froth) هٿڻ سان بہ مُنهن جا داغ دهبا وغيره ختم ٿي ويندا آهن.

(7) اُبريل تازي ڪير کي ٿڌو ڪرڻ کان پوءِ حاصل ٿيڻ واري مَلائي جي تہ منهن تي هڻڻ سان بہ داغ جا نشانَ ختم ٿيندا آهن.

(8) ملائيءَ ۾ ٿورو پيِنل زعفران شامل ڪري چپن تي مليو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ چپن جو رنگ گهرو ٿيندو .
(9) ڪير ۾ پاڻي ملائي خشڪ خارش تي هٿون، ڪجهه دير ڪان پوءِ ڌوئي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.
(10) ڳئون يا مَيِّنهن جو نڪتل تازو ڪير گرم ڪرڻ بغير فورن ان ۾ مصري يا ماکي ۽ اهو پاڻي جنهن ۾ ڪشمش کي ڪجهه ڪلاڪن جي لاءِ پچايو ويو هجي شامل ڪري 40 ڏينهن تائين پيئڻ سان نظر تيز ٿيندي ۽ حافظو مضبوط ٿيندو آهي. پڻ اهو ٽي بي، Hysteria دل جي بي ترتيب ڌهڙڪنِ ۽ جسماني ڪمزوري ۽ ڪمزور ٻارن جي لاءِ فائدي مند آهي.
(11) هڪ پاءُ گل قند ۾ 50 گرام ايراني بادام ڪُٽي ڪري ملائي ڪري رکي ڇڏيو ۽ روزانو صبح ڪير

www.dawateislami.net

سان ڳَڏ ۾ چمچا استعمال ڪيو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ حافظو مضبوط ٿيندو.

(12) ڪير سان ڳَڏ 5 داڻا منقيٰ (هڪڙي قسم جي وڏي ڪشمش)، 6 گرام مصري ۽ 6 گرام ڳُڙ ملائي کائڻ سان ڏند صاف ٿيندا، نئون رت ٺهندو ۽ وزن تيزيءَ سان وڌندو آهي، ۽ قبض ۾ به فائدي مند آهي ۽ جنهن ڪي ڪمزوري مان چڪر ايندا هُجن ان جي لاءِ هي هڪ بهترين علاج آهي.

(13) هڪ انب رات سمهڻ وقت ۽ هڪ انب صبح نيراني (يعني خالي پيٽ) چوسي ڪري، ڪير پيئڻ سان سُستي ختم ٿيندي ۽ بدن ۾ چُستي (ڦُڙتي) ايندي پڻ اعصابي ڪمزوريءَ ۾ به فائدي مند آهي.

(14) ڪير سان گڏ اراروٽ (Arrowroot) پچائي پيئڻ سان اللّٰه تعاليٰ جي رحمت سان پيشاب ۾ رُڪاوٽ جي مرض سان صحت ۽ بدن کي توانائي ملندي آهي.

(15) جيڪڏهن پيشاب ۾ جلن هجي ته وڏف ۽ پينل مصري ملائي ڪري پڪل نيم گرم ڪير سان مناسب مقدار ۾ ننڍي الائچي (فوتا) جي داڻن کائڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي.

(16) پيشاب ۾ جلن هجي ته تازي ڪير ۾ پاڻي ملائي پيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جلن ختم ٿيندي،گرم تاثير واريون غذائون نه کائو.

(17) جيڪڏهن پيشاب ۾ رت ايندو هجي ته اندازي مطابق 10 گرام تازو گُڙ ۽ مصري ڪير ۾ ملائي پيئڻ سان اللّٰه تعاليٰ جي ڪرم سان شفا ملندي ۽

مثاني جي گرمي، سوجن ۽ انفيڪشن ۾ به فائدي مند آهي.

(18) مثاني جي بيماري ۾ شفا جا طلبگار کير ۾ ڳڙ ملائي پيئن.

(19) اکين ۾ جلن، سُور يا جيڪو به زخم هجي ته کير ۾ پڳل ڪپهه جا پهه اکين تي رکو.

(20) جيڪڏهن اکيون روشنيءَ سان متاثر ٿينديون هجن ته اکين ۾ خالص کير جو هڪ هڪ قطرو وجهو.

(21) اک ۾ ڪچرو وغيره پئجي وڃڻ جي صورت ۾ متاثر ٿيل اک ۾ کير جا 3 قطرا وجهو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪچرو اک کان ٻاهران اچي ويندو.

(22) بواسير هجي ته تازي کير سان پيرن جي تِرين جي مالش (Massage) ڪيو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.

www.dawateislami.net

(23) هڪ ڪوپ ڪير سان گڏ اڌ چمچو دال چيني جو پائوڊر صبح ۽ شام استعمال ڪرڻ بواسير جي لاءِ فائدي مند آهي.

(24) دست (Diarrhoea) هجن تہ ٻارن کي هڪ چُٽڪي دال چيني جو پائوڊر ملائي ڪري ڏجي ۽ وڏن کي دال چينيءَ جي مقدار وڌيڪ ڪري ڇڏجي.

(25) ڪير معدي جي تيزابيت (Acidity) کي ختم ڪندو آهي.

(26) سيني ۾ جلن ٿيندي هجي تہ ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ٿڌو ڪير پيو.

(27) نيراني (يعني خالي پيٽ ناشتي کان پهريان) ٽماٽا کائي مٿان کان ڪير پيئڻ سان رت صاف ٿيندو ۽ تازو رت ٺهندو آهي.

www.dawateislami.net

(28) فائدي مند کير اهو آهي جيڪو تازو ۽ صاف سٿرو هجي ۽ سٺي خوراڪ کائڻ واري صحت مند جانورن مان حاصل ڪيو ويو هجي.

(29) کير ۾ کنڊ ملائڻ سان ان جو ڪيلشيم (Calcium) تباهه ٿي ويندو آهي.

(30) کنڊ سان منو ٿيل کير پيئڻ سان بلغم ٿهندو، پيٽ ۾ گڙ ٻڙ ٿيندي ۽ گيس پيدا ٿيندي آهي.

(31) 500 ملي ليٽر کير ۾ 250 گرام گجر جا ننڍا ننڍا ٽُڪڙا اوٻاري ايترو ٿڌو ڪري ڇڏيو جو پيئڻ جي قابل ٿي وڃي، هاڻي پي ڇڏيو،(گجر جا ننڍا ننڍا ٽُڪرا به کائي ڇڏيو) اهڙو کير جلد هضم ٿي ويندو، پيٽ کي صاف ڪندو ۽ بدن ۾ گهٽو آئرن (Iron) پيدا ڪندو ۽ جسماني ۽ معدي جي تيزابيت ۾ به فائدي مند آهي.

www.dawateislami.net

(32) بادام سنهو ڪٽي کير ۾ شامل ڪري ڪمزور ٻارن کي پيارڻ فائدي مند آهي.

(33) گرم کير پيئڻ سان هڏڪي (Hiccup) دور ٿيندي آهي.

(34) آيورويدڪ (هندي طريقي جو علاج) جي مطابق ماکي، گلوڪوز، ڪمند يا ميون جي رس يا بغير ٻج جي ڪشمش يا مصري يا پوري کنڊ (براؤن شوگر) ٿيل کير کنگھ جي لاءِ فائدي مند آهي.

(35) کير ڏُهڻ کان پوءِ فورن پي وڃڻ گهڻو فائدي مند آهي، جيڪڏهن اهو ممڪن نہ هجي تہ نيم گرم (Lukewarm) کير پيئڻ گهرجي. گهڻي دير تائين اوٻارڻ سان کير جي غذائيت (Nutrition) ضايع ٿي ويندي آهي.

(36) جن ماڻهن کي کير هضم ناهي ٿيندو، گيس ڪندو ۽ پيٽ ڦُوڪجندو هجي اهي ماکي ملائي

www.dawateislami.net

استعمال ڪن، ماڪي مليل کير جلد هضم ٿيندو آهي ۽ ان سان پيٽ ۾ گيس ناهي ٿيندي.

(37) کير ۾ ادرڪ جا ڪجهه ٽُڪڙا يا ادرڪ پائوڊر ۽ ٿوڙي ڪشمش ملائي اوٻاري پيئڻ سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ گيس نہ ٿيندي.

(38) دمي اُٻ ساهي(Asthma) جي مريض ۽ بلغمي مِزاج (People having phlegm) وارن کي گھرجي تہ هو کير ۾ "ڦوٽا" يا "چوهارا" (Dry dates) يا ماکي ملائي پين.

(39) مينهن (Buffalo) جو کير ڳورو هوندو آهي، عام طور تي مينهن جي کير جو مکڻ ۽ گيهه ناهيو ويندو آهي، هي بلغم ناهيندو، ڪوليسٽرول (Cholesterol) وڌائيندو ۽ موٽو بڻائيندو آهي، ها جيڪو هضم ڪري سگهي اُن جي لاءِ مينهن جو کير سڀ کان وڌيڪ طاقتور مڃيو ويجي ٿو.

www.dawateislami.net

(40) ڳئون (Cow) جو کير مينهن جي کير کان هلڪو (Light) آهي، هي جلد هضم ٿي ويندو آهي.

(41) ڳئون جو کير سرطان (Cancer) کان بہ بچائيندو آهي.

(42) ٻڪريءَ جو کير سڀ کان بهتر مجيو ويندو آهي.ان سان جسم کي طاقت ملندي، هاضمو درست ٿيندو ۽ بک وڌنڌي آهي.

(43) رڍ (Sheep) جو کير مزاجن گرم هوندو آهي. هي قبض کندو ۽ گيس ٺاهيندوآهي، ان جو ذائقو (Taste) نمڪين هوندو آهي. وار وڌا کندو آهي، موٽاپي ۾ کمي آڻيندو آهي پر اکين کي نقصان پهچائيندو آهي، کڏهن کڏهن وات ۾ ان سان داڻا نڪري ايندا آهن. ٻارن کي هي کير نہ پيارڻ گهرجي.

www.dawateislami.net

# خالص ڪير جي پهچان جا چار مدني گُل

(44) هي ممڪن آهي تہ ڪير خالص تہ هجي پر گهاٽو (Thick) نہ هجي.

(45) ڊراپر وغيره جي ذريعي ڪير جو هڪ قطرو ماربل وغيره جي ٽنيي يا اهڙي ئي سڌي (Plain) پٽ تان هيٺ ٽپڪايو جيڪڏهن ڪير خالص هوندو تہ قطرو فوري طور تي نہ وهندو.

(46) خالص ڪير جي ٿر (ملائي) ٿلهي هوندي آهي.

(47) آڱر ڪير ۾ ٻوڙي ڪڍو ۽ آڱر تي ڪير لڳل هجي تہ هي خالص آهي نہ تہ پاڻي مليل آهي. ڪير سڃاڻڻ جا ماهر گهڻو ڪري ڪير کي هٿ ۾ ڪٽي ڪري ان جو گهاٽو هجڻ ۽ چڪناهٽ ڏسي ان جي خالص هجڻ يا نہ هجڻ جو ٻڌائيندا آهن. (ڪير جي منڊين ۾ عام طور تي اهو ئي طريقو رائج آهي)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# فهرست


| | |
|---|---|
| دُرود شريف جي فضيلت | 1 |
| ڪير پيئندڙ مدني منّي ڳالهايو! | 2 |
| مدني منّي جو هٿ سڙي پيو | 3 |
| ڪجھ وار اچا ۽ ڪجھ ڪارا | 4 |
| پياري نبيءَ جو پيارو پيارو هٿ | 5 |
| ننڍي جسم وارو مدني منو | 6 |
| گونگو (Dumb) ٻار ڳالھائڻ لڳو | 7 |
| منھنجو هٿ پيالي ۾ گھمندو هو | 9 |
| سمجھدار مدني مُني | 11 |
| مَدني مُنَي کي ڊبل مليو | 13 |
| ذڪر الله جي عادت | 14 |
| نابين مدني منو ڏسڻ لڳو | 15 |
| تنگ ڪتجي وئي | 17 |
| پکيءَ کي تير هٽي رهيا هئا | 19 |
| ڳانو ڳائڻ واري ٻارڙي | 20 |
| گڏھ تي سوار مدني منو | 21 |
| غصي واري ٻارجو انوکو علاج | 23 |
| بُري صحبت جو اثر | 25 |
| ڪير جا مدني گل | 28 |


www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| آقا ﷺ جن کي کير ڏاڍو پسند هو | 30 |
| ماءُ جي کير جا چار مدني گل | 30 |
| ٻار کي کير پيارڻ جي مدّت | 32 |
| کير جا 47 مدني گل | 33 |
| خالص کير جي پهچان جا چار مدني گل | 44 |


؟؟

# مآخذو مراجع


| كتاب | مطبوعه | كتاب | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| قراٰن مجيد | | كنز العمال | دار الكتب العلمية بيروت |
| بخاری | دار الكتب العلمية بيروت | مرقاة | دار الفكر بيروت |
| مسلم | دار ابن حزم بيروت | اشعة اللمعات | كوئٹه |
| ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | مراٰة المناجيح | ضياء القرآن پبلی كيشنز مركز الاولياء لاہور |
| مسند امام اعظم | مركز الاولياء لاہور | اَخلاق النّبی | دار الكتاب العربی بيروت |
| معجم كبير | دار احياء التراث العربی بيروت | معرفةالصحابة | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسند ابو يعلی | دار الكتب العلمية بيروت | كتاب الاذكياء | مؤسسة الريان بيروت |
| مستدرک | دار المعرفة بيروت | حياة الحيوان الكبرى | دار الكتب العلمية بيروت |
| حلية الاولياء | دار الكتب العلمية بيروت | بہار شريعت | مكتبة المدينه باب المدينه كراچی |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | ★★★ | ★★★ |

# ٻار جي پيدائش تي مبارڪ باد ڏيڻ جو طريقو

فرمانِ حضرت حسن بصري رحمة الله تعالى عليه ٻار جي پيدائش تي هيئن مبارڪ باد ڏيندا ڪريو: جَعَلَهُ اللهُ مُبَارَكًا عَلَيْكَ وَعَلٰى اُمَّةِ مُحَمَّدٍ صلى الله عليه وسلم [1] - مدني گل: ● ڌي هجي ته جَعَلَهُ جي جاءِ تي جَعَلَهَا ۽ مُبَارَكًا جي جاءِ تي مُبَارَكَةً.

● ياد رهي ته اهڙي طرح اِهي ئي الفاظ چوڻ ڪو ضروري ناهي بلڪ صرف هڪ ولي الله کان منقول سني طريقي جو بيان آهي، ان سان ملندڙ جلندڙ ٻيا الفاظ به چئي سگهجن ٿا. ● جنهن کي مبارڪ باد ڏني وڃي اهو هي ڪلمات چوي: اٰمِيْنَ وَجَزَاكَ اللهُ خَيْرًا-

مـــــــــــــــــــــــــــــــــــدينــــــه

[1] ترجمو: يعني الله عزوجل هن کي تنهنجي لاءِ ۽ اُمَّتِ محمد صلى الله تعالى عليه واله وسلم جي لاءِ مُبارڪ (يعني باعثِ برڪت) بنائي. (الدعاء للطبراني، ص 294)

MC 1286


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net